تحريرات امير اهل سنت قسط نمبر 7

# اَربعينِ عطار

امير اهل سنت جي قلم سان
لکيل 40 حديثون



الحمدلله ! هن رسالي ۾ امير اهل سنت جي تقريباً
34 سال پراڻي تحرير بہ شامل آهي

پيشڪش: المدينة العلميہ (دعوت اسلامي)
Islamic Research Center

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **آربعين عطار**

مرتّب : ابو محمد طاهر عطاري مدني

تعداد:

ڇا پيندڙ: مڪتبۃ المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبۃ المدينہ سان رابطو فرمايو.

# اَربعينِ عطار

## امير اهل سنت جي قلم شريف سان لکيل 40 مبارڪ حديثون

### ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيِّيْن

**دعاءِ عطار:** ياربَّ المصطفٰي! جيڪو بہ رسالو ”**اَربعين عطار**“ مڪمل پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي حديثن جي برڪت سان مالامال ڪري والدين ۽ خاندان سميت بي حساب بخشي ڇڏ. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**پهريان هن کي پڙهو** فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن شخص بہ منهنجي اُمّت تائين پهچائڻ جي لاءِ دين جي متعلق 40 حديثون ياد ڪيون تہ الله تعالي ان کي قيامت جي ڏينهن عالِمِ دين جي حيثيت سان اٿاريندو ۽ قيامت جي ڏينهن مان ان جو سفارشي ۽ گواهہ ٻڻجندس. (شعب الايمان، 270/2، حديث: 1726) هن مان مراد چاليهہ حديثن جو ماڻهن تائين پهچائڻ آهي جيتوڻيڪ اهي ياد هجن يا نہ. (اشعة اللمعات، 186/1)
الحمدلله! حديث شريف ۾ بيان ڪيل فضيلت ان کي بہ حاصل ٿيندي جيڪو ڇپائي يا ڏسي ڪري بيان ڪري يا ڪنهن بہ ذريعي سان ماڻهن تائين 40 حديثون پهچائي لهٰذا اها فضيلت ماڻڻ جي نيّت سان 40 فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ”اربعينِ عطار“ جي نالي سان پيش ڪيا پيا وڃن:باني دعوت اسلامي، امير اهل سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ جي هٿ سان لکيل 40 حديثون مختلف جڳهين تان جمع ڪيون ويون آهن. سندن لکڻ جو انداز انتهائي پيارو آهي ڇوتہ پاڻ پنهنجي تحرير جي شروعات لفظ”الله“ کان ڪندا آهن، ان کان پوءِ حديث شريف، گڏوگڏ سبز سبز گنبذ شريف جي ياد ڏياريندڙ دستخط. الحمدلله! امير اهل سنت جي لکيل احاديث مبارڪ جي شروعات ۾ حديثن جو عربي نسخو بہ شامل ڪيو ويو آهي تہ جيئن زباني ياد ڪرڻ وارن کي آساني ٿي پڻ ڪيئي پيرا حديث شريف کي سمجهڻ جي لاءِ ان جي شرح جي ضرورت پوندي آهي، وس آهر ڪوشش ڪري اڪثر حديثن جي شرح بہ بيان ڪئي وئي آهي. ماشآءَ الله الڪريم! صفحو نمبر 17 ۽ 18 تي موجود حديثون امير اهل سنت 30 سال ۽ صفحي نمبر 17 واري حديث شريف 34 سال پهريان پنهنجي هٿن سان تحرير فرمائي. الله ڪريم! هن ڪاوش کي قبول فرمائي ۽ جن هن رسالي کي تيار ڪرڻ ۾ تعاون ڪيو انهن کي فيضان حديث سان مالامال فرمائي. اٰمين

طالب غمِ مدينہ وبقيع و مغفرت.
**ابو محمد طاهر عطاري مدني عُفِيَ عَنہ**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

## 80 ورهين جا گناه معاف

اَلصَّلَاۃُ عَلَیَّ نُوْرٌ عَلَی الصِّرَاطِ وَ مَنْ صَلّٰی عَلَیَّ یَوْمَ الْجُمُعَۃِ ثَمَانِیْنَ مَرَّۃً غُفِرَ لَہٗ ذُنُوْبُ ثَمَانِیْنَ عَامًا

(مسند الفردوس،408/2،حديث:3814)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي درود پڙهڻ پلصراط تي نور آهي، جيڪو مون تي اسي (80) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهي، ان جا 80 ورهين جا گناهہ معاف ٿي ويندا.

**حديث جي شرح:** نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهڻ جو ثواب پلصراط تي اهڙو نور هوندو جيڪو ان تي هلڻ واري جي لاءِ روشن ٿيندو. هتي گناهن جي معافي مان مراد صغيره گناهن جي معافي آهي.

(السراج المنير شرح الجامع الصغير،283/3)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سيني کان وڌيڪ پيارو

لَا یُؤْمِنُ اَحَدُکُمْ حَتّٰی اَکُوْنَ اَحَبَّ اِلَیْہِ مِنْ نَفْسِہٖ (مسند امام احمد ، 303/6، حديث: 18069)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان مان ڪو بہ ان وقت تائين ڪامل مومن نٿو ٿي سگهي جيستائين مان ان جي ويجهو سندس جان کان وڌيڪ محبوب نہ ٿي وڃان.

**حديث جي شرح:** الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي سيني کان وڌيڪ محبوب (يعني پيارو) رکڻ جو مطلب هي آهي تہ دينِ اسلام کي مڃيو وڃي، سندن سُنتن تي عمل ڪيو وڃي، سندن تعظيم ڪئي وڃي ۽ هر شيءِ يعني پنهنجي ذاتي، پنهنجي اولاد ۽

پنهنجي ماءُ پيءُ، عزير رشتيدار ۽ پنهنجي مال ۽ ملڪيت تي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا ۽ خوشي مقدم رکي.

## چڱي ڳاله ڪريو يا خاموش رهو

مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ فَلْيَقُلْ خَيْرًا أَوْ لِيَصْمُتْ (بخاری، 105/4، حديث: 6018)

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو الله ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي ته ڀلائي جي ڳالهه ڪري يا چپ رهي.“

(بخاري، ج: 4، ص: 105، حديث: 6018)

**حديث جي شرح:** هن حديث شريف جو مطلب هي آهي ته جڏهن ڪو ڳالهه ڪرڻ چاهي ته غور ڪري ته ان ڳالهه ۾ ثواب آهي يا نه؟ جيڪڏهن ثواب هجي ته ڳالهه ڪري. جيڪڏهن ثواب نه هجي ته ڳالهه نه ڪري. جيڪڏهن ان ڳالهه ۾ نه ثواب هجي ۽ نه ئي گناه بلڪ مُباح هجي ته ان کان به بچي ان ڪري جو ڪتي مباح ڳالهيون ڪرڻ جي عادت ناجائز ۽ حرام ڳالهين ۾ نه مبتلا ڪري ڇڏي. امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن ڪو ڳالهائڻ چاهي ته(ڳالهائڻ کان پهريان) سوچي، جيڪڏهن ان تي واضح ٿي ته ڳالهائڻ ان جي لاءِ نقصانڪار نه آهي ته پوءِ ڳالهائي ۽ جيڪڏهن ڳالهائڻ جو نقصان ان تي واضح ٿي يا اُن (ڳالهه جي نقصانڪار هجڻ) ۾ شڪ هجي ته نه ڳالهائي.

(شرح مسلم للنووی، 19/2)

## جنتين جو پهريون کاڌو

وَاَمَّا اَوَّلُ طَعَامٍ يَاْكُلُهٗ اَهْلُ الْجَنَّةِ فَزِيَادَةُ كَبِدِ الْحُوْتِ (بخاری، 605/2، حديث: 3938)

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: پهريون کاڌو جيڪو جنتي کائيندا اهو مڇي جي ڪليجي جو ڪنارو آهي.

**حديث جي شرح:** مڇي جي ڪليجي جو هي حصو انتهائي لذيذ هوندو آهي. هن مڇي جي باري ۾ اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ هي اها ئي مڇي آهي جنهن تي زمين رکيل آهي. (مرقاة المفاتيح، 189/10، حديث: 5870)

## پلائي ڪيو، پلائي ماڻيو

مَنْ فَرَّجَ عَنْ مُسْلِمٍ كُرْبَةً فَرَّجَ اللهُ عَنْهُ كُرْبَةً مِنْ كُرُبَاتِ يَوْمِ الْقِيَامَةِ

( بخارى، 2 / 126، حديث: 2442 )

فرمانِ مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم: ”جيڪو ڪنهن مسلمان جي تڪليف پري ڪري الله پاڪ قيامت جي تڪليفن مان ان جي تڪليف پري ڪندو.“

**حديث جي شرح:** سُبْحَانَ الله! ڪيترو تہ پيارو وعدو آهي، مسلمان ڀاءَ جي مدد ڪيو الله توهان جي مدد ڪندو، توهان مسلمان جي ضرورت پوري ڪيو الله پاڪ توهان جي حاجت پوري ڪندو. معلوم ٿيو تہ ٻانهو ٻانهي جي حاجت روائي ڪري سگهي ٿو، هي شرڪ ناهي، ٻانهو ٻانهي جو حاجت روا مشڪل ڪشاء آهي. (مراٰة المناجيح ، 6 /551)

تڪليف دور ڪرڻ مان ماڻهن تي اچڻ واري آزمائش جو پري ڪرڻ يا ان کي گهٽ ڪرڻ مراد آهي. ڪنهن غريب جي مالي مدد، مريض جي لاءِ دواء ۽ ڊاڪٽر جو انتظام، ڪنهن تي ٿيڻ واري ظلم کي پري ڪرڻ جي ڪوشش سڀئي هن ۾ داخل آهن.

## ڪامل ايمان جي نشاني

لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يُحِبَّ لِاَخِيْهِ مَا يُحِبُّ لِنَفْسِهٖ ( بخارى ،16/1، حديث:13)

فرمانِ مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم: توهان مان ڪوبہ تيستائين مومن نٿو ٿي سگهي جيستائين پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ بہ اهو ئي پسند نہ ڪري جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو.“

**حديث جي شرح:** هن حديث ۾ ايمان مان ڪامل ايمان مراد آهي، هن (ڳالهه) ڪي (هي) لازم آهي ته (انسان) جيڪا شيءِ پنهنجي لاءِ ناپسند ڪري ٿو اها ٻين جي لاءِ به ناپسند ئي ڪري. يعني انسان اهو چاهي ٿو ته اسان آرام، اعزاز سان خوش رهون، ڪوبه اسان کي ذليل نه ڪري ڪوبه اسان کي تڪليف نه رسائي، ايئن ئي پنهنجي مسلمان ڀاءَ جي لاءِ به هجڻ گهرجي ته منهنجو ڀاءُ اعزاز سان خوش رهي، نه ان جي توهين ٿي، نه ئي ان جو حق غصب ڪيو وڃي. جيڪڏهن هر شخص کي هن جي عادت ٿي وڃي ته معاشرو صاف سٿرو ۽ امن وارو ٿي ويندو ۽ زندگي سڪون ۽ اطمينان سان گذرندي. لڙائي جهيڙن جو بنياد به اهو ئي هوندو آهي ته انسان تنگ نظري سان اهو چاهڻ لڳندو آهي ته هر شيءِ رڳو اسان کي ميسر هجي. ٻيا ان کان محروم هجن. هن حديث ۾ عاجزي، مروت، باهمي امداد هڪٻئي جي ڪم اچڻ ۽ ٻين سان چڱو سلوڪ ڪرڻ جي زبردست ترغيب ڏني وئي آهي. (نزہۃ القاری، 314/1)

## ڪامل مسلمان

اَلْمُسْلِمُ مَنْ سَلِمَ الْمُسْلِمُوْنَ مِنْ لِّسَانِهٖ وَيَدِهٖ (بخاری ،16/1،حدیث: 11 )

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ڪامل مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان محفوظ رهن.**

**حديث جي شرح:** ڪامل مسلمان اهو آهي جيڪو لغتاً شرعاً هر لحاظ کان مسلمان هجي (۽) مومن اهو آهي جيڪو ڪنهن به مسلمان جي غيبت نه ڪري، گاريون نه ڏي، طعنو نه ڏي، چغلي وغيره نه ڪري، ڪنهن کي مار نه ڏي، نه ئي ان جي خلاف ڪجھ لکي. هي حديث شريف اخلاق جي جامع آهي. (مراۃ المناجیح ، 29/1)

## باه جي چادر

إِنَّ الشَّمْلَةَ لَتَلْتَهِبُ عَلَيْهِ نَارًا أَخَذَهَا مِنَ الْغَنَائِمِ يَوْمَ خَيْبَرَ لَمْ تُصِبْهَا الْمَقَاسِمُ، قَالَ: فَفَزِعَ النَّاسُ، فَجَاءَ رَجُلٌ بِشِرَاكٍ أَوْ شِرَاكَيْنِ فَقَالَ: يَا رَسُولَ اللهِ، أَصَبْتُ يَوْمَ خَيْبَرَ، فَقَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: شِرَاكٌ مِنْ نَارٍ أَوْ شِرَاكَانِ مِنْ نَارٍ (مسلم، ص69،حديث:310 ملتقطاً)

**فرمانِ مصطفيٰ** صلّى الله عليه واٰله وسلّم: (غزوه خيبر جي مالِ غنيمت مان) **هڪ چادر جنهن کي غلام خيانت ڪري ڦٻائي ورتو هيو(مرڻ کان بعد) اها چادر ان تي باهہ جا شعلا ٻڄي پڙڪي رهي آهي. هي ٻڌي ڪري هڪ شخص اٿي هليو ويو ۽ هڪ تسمو(ڪَهي) ڪٺي آيو، جيڪو ان مالِ غنيمت جي تقسيم کان پهريان کنيو هيو(ان کي ڏسي ڪري) نبي پاڪ** صلّى الله عليه واٰله وسلّم **فرمايو: هي باهہ جو تسمو(ڪَهي) آهي.**

## فجر جي نماز ۽ عشاء جي جماعت جو ثواب

مَنْ صَلَّى الْعِشَاءَ فِي جَمَاعَةٍ فَكَأَنَّمَا قَامَ نِصْفَ اللَّيْلِ،

وَمَنْ صَلَّى الصُّبْحَ فِي جَمَاعَةٍ فَكَأَنَّمَا صَلَّى اللَّيْلَ كُلَّهُ (مسلم، ص 258، حديث: 1491)

**فرمان مصطفيٰ** صلّى الله عليه واٰله وسلّم: **”جيڪو عشاء جي نماز جماعت سان پڙهي جڻ اُن اڌ رات قيام ڪيو ۽ جيڪو فجر جماعت سان پڙهي جڻ ان پوري رات قيام ڪيو.“** (مسلم شريف ص 658، حديث: 1491)

**حديث جي شرح:** هن جا ٻہ مطلب ٿي سگهن ٿا: (1) هڪ اهو تہ عشاء جي باجماعت نماز جو ثواب اڌ رات جي عبادت جي برابر آهي ۽ فجر جي باجماعت نماز جو ثواب باقي اڌ رات جي عبادت جي برابر، پوءِ جيڪو هي ٻئي نمازون جماعت سان پڙهي وٺي ان کي سڄي رات عبادت جو ثواب. (2) عشاء جي جماعت جو ثواب اڌ رات جي برابر

آهي ۽ فجر جي جماعت جو ثواب سڄي رات عبادت جي برابر، ڇوجو هي (يعني فجر جي) جماعت عشاء جي جماعت کان وڌيک ڏکي (يعني نفس تي ڳري) آهي، پهريان واريون معنائون وڌيک مضبوط آهن. جماعت مان مراد تڪبيرِ اولٰي حاصل ڪرڻ آهي جيئن ڪجھ عالمن سڳورن فرمايو. (مرأة المناجيح جلد1 ص396)

## نيڪي جو رستو ٻڌائڻ جو ثواب

مَنْ دَلَّ عَلٰى خَيْرٍ، فَلَهٗ مِثْلُ اَجْرِفَاعِلِهٖ (مسلم، ص 809، حديث: 4899)

فرمانِ مصطفيٰ صلَّى اللهُ عليهِ واٰلهٖ وسلَّم: ”جيڪو شخص ڪنهن کي نيڪي جي راهه ٻڌائيندو، ته ان کي به ان جي نيڪ عملن جي برابر ثواب ملندو جيترو ان نيڪي ڪرڻ واري کي.“

نيڪي ڪرڻ وارو، ڪرائڻ وارو، ٻڌائڻ وارو، مشورو ڏيڻ وارو (اهي) سڀئي ثواب جا مستحق آهن.

## نرم دل

مَنْ يُحْرَمِ الرِّفْقَ، يُحْرَمِ الْخَيْرَ (مسلم، ص1072، حديث:6598)

فرمانِ مصطفيٰ صلَّى اللهُ عليهِ واٰلهٖ وسلَّم: جيڪو نرمي کان محروم رهيو، اهو هر ڀلائي کان محروم رهيو.

**حديث جي شرح:** جنهن تي ربّ مهربان ٿيندو آهي ان کي نرم دل بڻائي ڇڏيندو آهي، جنهن تي ربّ جو غضب ٿيندو آهي ان کي سخت دل ڪري ڇڏيندو آهي، سخت دل تي ڪنهن به وعظ (يعني بيان) جو اثر ناهي ٿيندو. (مرأة المناجيح، 636/6)

## مشڪوڪ شيون ڇڏي ڏيو

دَعْ مَا يُرِيْبُكَ اِلٰى مَا لَا يُرِيْبُكَ ( ترمذی ، 232/4، حديث:2526)

فرمانِ مصطفيٰ صلَّى اللهُ عليهِ واٰلهٖ وسلَّم: جيڪا شيءِ توکي شڪ ۾ وجهي ان کي ڇڏي ڏي ۽ جنهن ۾ شڪ نه هجي ان کي اختيار ڪر.

**شرح حديث:** جنهن شيءَ جي چڱو يا بُرو ۽ حلال يا حرام هجڻ ۾ شڪ هجي تہ ان کي ڇڏي ڪري ان شيءِ کي اختيار ڪيو جنهن ۾ ڪو شڪ نہ هجي. ۽ اُن جو چڱو ۽ حلال هجڻ يقيني هجي. (فيض القدير، 706/3) هن حديث جو مقصد هي آهي تہ انسان پنهنجي ڪم جي بنياد يقين تي رکي.
(مرقاة المفاتيح،24/6مفہوماً)

## صدقي جون برڪتون

إِنَّ الصَّدَقَةَ لَتُطْفِئُ غَضَبَ الرَّبِّ وَتَدْفَعُ مِيْتَةَ السُّوْءِ (ترمذی، 146/2، حديث: 664)

فرمانِ مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: "بيشڪ صدقو ربّ جي غضب کي ٿڌو ڪندو ۽ بري موت کي دفع يعني دور ڪندو آهي."

**حديث جي شرح:** سخي ماڻهوءَ تي پهريان تہ دنياوي مصيبتون اينديون ناهن جيڪڏهن امتحان طور اچي بہ وڃن تہ الله پاڪ جي طرفان ان کي دلي سڪون نصيب ٿيندو آهي جنهن سان اهو صبر ڪري ثواب ڪمائي وٺندو آهي. مطلب تہ ان جي لاءِ مصيبت معصيت (گناهہ) ڪٽي ناهي ايندي مغفرت ڪٽي ايندي آهي، معصيت واري مصيبت خدا جو غضب آهي ۽ مغفرت واري مصيبت ان جي رحمت آهي. (مرأة المناجيح، 103/3)

## دعا گهرو

مَنْ سَرَّهُ اَنْ يَّسْتَجِيْبَ اللهُ لَهُ عِنْدَ الشَّدَائِدِ وَالْكُرَبِ فَلْيُكْثِرِ الدُّعَاءَ فِي الرَّخَاءِ
(ترمذی،248/5، حديث: 3393)

فرمانِ مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: "جيڪو چاهي ٿو تہ الله پاڪ مصيبتن جي وقت سندس دعا قبول ڪري تہ ان کي گهرجي تہ آرام جي وقت وڏيڪ دعائون گهرندو ڪري."

**حديث جي شرح:** ان جو سبب واضح آهي تہ صرف مصيبت جي وقت دعا گهرڻ ۽ راحت ۾ رب کان غافل ٿي وڃڻ خود غرضي آهي ۽ هر وقت دعا گهرڻ عَبديت(ٻانهپ) آهي ربّ کي خودغرضي ناپسند آهي عَبديت پسند ڪندو آهي. (مرأة المناجيح، 297/3)

# شرمنده نہ ڪيو

مَنْ عَيَّرَ اَخَاهُ بِذَنْبٍ لَمْ يَمُتْ حَتّٰى يَعْمَلَهُ (1)

(ترمذی، 226/4، حديث:2513)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن پنهنجي ڀاءُ کي اهڙي گناهه تي شرمندو ڪيو(جنهن کان هو توبہ ڪري چڪو آهي) تہ اهو مرڻ کان پهريان خود اُن گناهه ۾ پئجي ويندو.

**حديث جي شرح:** گناهه مان مراد اهو گناهه آهي جنهن کان ان توبهہ ڪئي هجي يا اهو پراڻو گناهه جنهن کي ماڻهن وساري ڇڏيو هجي يا اهو ڳجهو گناهه جنهن جي ماڻهن کي خبر نہ هجي ۽ عار ڏيارڻ توبہ جي لاءِ نہ هجي بلڪ صرف ڪاوڙ ۽ سخت غصي مان هجي وڏيڪ هي تہ اهڙو انسان پنهنجي موت کان پهريان هي گناهه ڪندو ۽ ان ۾ بدنام ٿيندو مظلوم جو بدلو ظالم کان پاڻ ربّ تعاليٰ وٺندو آهي. (مراٰۃ المناجيح،473/6)

# جنتي جوانن جا سردار

اَلْحَسَنُ وَالْحُسَيْنُ سَيِّدَا شَبَابِ اَهْلِ الْجَنَّةِ (ترمذی، 426/5، حديث3793)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”حسن ۽ حُسين جنتي جوانن جا سردار آهن.“

**حديث جي شرح:** يعني جيڪي ماڻهو جواني ۾ وفات ڪري وڃن ۽ هجن جنتي تہ، حضراتِ حسنين ڪريمين(رضي الله عنهما) انهن جا سردار آهن نہ تہ جنت ۾ تہ سيئي جوان هوندا. (مراٰۃ المناجيح، 475/8)

# آخري نبي جو ساٿي

أَنْتَ صَاحِبِي عَلَى الْحَوْضِ وَ صَاحِبِي فِي الْغَارِ ( ترمذی، 378/5، حديث: 3690)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (اي ابوبڪر!) تون منهنجو حوض ڪوثر ۽ غارِ حرا جو ساٿي آهين.

---

قَالَ اَحْمَدُ (قَالُوا) مِنْ ذَنْبٍ قَدْ تَابَ مِنْهُ

**حديث جي شرح**: يعني دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجو ساٿي آهين. (مطلع القمرين، ص180) غار ۾ صديق اڪبر جو نبي ڪريم سان گڏ هجڻ هڪ اهڙو اعزاز آهي جنهن ۾ سندن ڪو بہ شريڪ نہ آهي. (لمعات التنقيح، 600/9، تحت الحديث: 6028)

## عزت جو لباس

مَا مِنْ مُؤْمِنٍ يُعَزِّي اَخَاهُ بِمُصِيْبَةٍ اِلَّا كَسَاهُ اللهُ مِنْ حُلَلِ الْكَرَامَةِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

(ابنِ ماجہ،268/2،حديث:1601)

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: **جيڪو مسلمان پنهنجي ڪنهن مصيبت زده مسلمان ڀاءُ جي تعزيت ڪندو الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان کي عزت جو جوڙو پارائيندو.**

**حديث جي شرح**: تعزيت ڪرڻ سُنتِ مؤڪده آهي ۽ تعزيت صرف موت سان خاص ناهي. موت تي تعزيت ڪرڻ مستحب آهي خواهہ دفائڻ کان پهريان هجي يا بعد ۾. (التيسير بشرح الجامع الصغير 366/2،فيض القدير ، 632/5،تحت الحديث:8092)

## تلاوت ۾ روئڻ ثواب آهي

فَإِذَا قَرَأْتُمُوهُ فَابْكُوْا، فَإِنْ لَمْ تَبْكُوْا فَتَبَاكَوْا (ابن ماجہ،129/2، حديث:1337)

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: **قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندي وقت روئو ۽ جيڪڏهن روئڻ نٿو اچي تہ روئڻ جهڙي شڪل بڻايو.**

**حديث جي شرح**: غم جي حالت ۾ اهڙي طرح قراءَت ڪرڻ جو اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳن، ان سان قراءَت ڪرڻ واري کي لذت حاصل ٿيندي جنهن جي ذريعي هُو الله پاڪ جي ويجهو ٿيندو

(حاشيہ سندی علی سنن ابن ماجہ ،1/ 402)

امام غزالي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وقت روئڻ جو طريقو هي آهي تہ قرآن ڪريم ۾ بيان ڪيل نصيحتن، وعدن، عهدن ۽ تدبيرن کي ياد ڪري، پوءِ جن ڳالهين جو حڪم آهي ۽ جن

ڳالهين کان منع ڪيو ويو آهي انهن ۾ پنهنجي ڪوتاهين تي غور ۽ فڪر ڪري ته يقيناً اهو غمگين ٿيندو ۽ روئڻ لڳندو. جيڪڏهن ان تي غم ۽ روئڻ جي ڪيفيت طاري نه هجي جيئن صاف دل وارن تي طاري ٿيندي آهي ته ان کي نه روئڻ ۽ غمگين نه ٿيڻ تي روئڻ گهرجي ڇوته هي سڀ کان وڏي مصيبت آهي. (احياء العلوم، ۱/836،837 بتصرف)

## مراد پوري ٿئي

مَاءُ زَمْزَمَ لِمَا شُرِبَ لَهُ (ابن ماجہ،490/3 ، حديث: 3062)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: زم زم جنهن مقصد جي لاءِ پيتو وڃي انهيءَ جي لاءِ آهي“

**حديث جي شرح:** ڇاڪاڻ ته زم زم سيني پاڻين جو سردار آهي ۽ رتبي ۽ مرتبي جي لحاظ کان سيني پاڻين کان مٿاهون آهي ۽ دلين کي محبوب (يعني پسنديده) آهي. ڇوته الله پاڪ پنهنجي خليل (يعني حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلَام) جي فرزند (يعني اسماعيل عَلَيهِ السَّلَام) جي سيرابي ۽ حاجت کي پورو ڪرڻ جي لاءِ موڪليو ته هي حاجت روائي انهن کان بعد وارن جي لاءِ باقي رهي ته جيڪو ان کي اخلاص سان پيئي ته پنهنجي ضرورت کي ماڻي وٺندو. ڪيئي عالمن سڳورن پنهنجي مقصد جي حصول جي لاءِ ان کي پيتو ته انهن پنهنجي مراد حاصل ڪري ورتي. (فيض القدير شرح جامع الصغير،273/7)

## ٻوٽو لڳائڻ وارو آهي، وڻ ٻٽائڻ وارو آهي

مَنْ بَنٰى بُنْيَانًا مِنْ غَيْرِ ظُلْمٍ وَلَا اعْتِدَاءٍ اَوْ غَرَسَ غَرْسًا فِي غَيْرِ ظُلْمٍ وَلَا اعْتِدَاءٍ كَانَ لَهُ اَجْرٌ جَارٍ مَا انْتُفِعَ بِهٖ مِنْ خَلْقِ اللهِ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنهن بغير ڪنهن ظلم ۽ زيادتي جي گهر تعمير ڪيو يا بغير ڪنهن ظلم ۽ ناانصافي جي ڪو هڪ وڻ لڳايو، جيستائين الله پاڪ جي مخلوق مان ڪو هڪ به ان مان فائدو حاصل ڪندو رهندو ته ان (لڳائڻ يا ٻٽائڻ واري) کي ثواب ملندو رهندو.“

**حديث جي شرح:** معلوم ٿيو اهڙو ڪم ڪرڻ جنهن مان خدا جي مخلوق کي فائدو ملي جائز آهي جڏهن ته ان ۾ ظلم ۽ زيادتي جي ڪا صورت نه هجي. (شرح مشكل الآثار،416/2،حديث:957)

## پنجن کان پهريان پنج

اِغْتَنِمْ خَمْسًا قَبْلَ خَمْسٍ: شَبَابَكَ قَبْلَ هَرَمِكَ، وَصِحَّتَكَ قَبْلَ سَقَمِكَ، وَغِنَاءَكَ قَبْلَ فَقْرِكَ، وَفَرَاغَكَ قَبْلَ شُغْلِكَ، وَحَيَاتَكَ قَبْلَ مَوْتِكَ۔

(مستدرک435/5،حديث:7916)

فرمانِ مصطفيٰ صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم: پنجن (نعمتن) کي پنجن (آفتن) کان پهرين غنيمت سمجهو. (1) جواني کي پيريءَ کان اڳ، (2) تندرستي کي بيماري کان اڳ، (3) مالداري کي فقيري کان اڳ، (4) واندڪائي کي مشغولي کان اڳ، (5) زندگي کي موت کان اڳ.

**حديث جي شرح:** عقلمند انسان شام ٿيڻ تي صبح جو انتظار ناهي ڪندو ۽ صبح ٿيڻ تي شام جو انتظار ناهي ڪندو بلڪ اهو سمجهندو آهي ته ڪٿي ايئن نه ٿي جو ان کان پهريان ئي مون کي موت اچي وڃي، ان ڪري هو نيڪ اعمال ڪندو آهي جيڪي ان کي موت کان بعد ڪم ايندا. انهيءَ طرح هُو صحتمندي جي وقت کي غنيمت سمجهندي ان ۾ نيڪيون ڪندو آهي. (ارشاد السارى،486/13،تحت الحديث:6416)

## اهلِ عرب کان محبت

اَحِبُّوا الْعَرَبَ لِثَلَاثٍ لِاَنِّيْ عَرَبِيٌّ وَالْقُرْاٰنُ عَرَبِيٌّ وَلِسَانُ اَهْلِ الْجَنَّةِ عَرَبِيَّةٌ

فرمانِ مصطفيٰ صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم: عربن سان ٽن ڳالهين ڪري محبت ڪيو: (1) مان عربي آهيان (2) قرآن عربي ۾ آهي (3) جنتين جي گفتگو عربي ۾ هوندي. (مستدرک، 117/5، حديث:7081)

**حديث جي شرح:** عربن مان مراد مومن عرب آهن. مومن عرب اسان جي مٿي جا تاج آهن ڇوته حضور صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پاڙيسري آهن. هتي مرقات ۾ آهي ته حضور صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عربي، قرآن عربي، جنتين جي زبان(گفتگو) عربي، قبر جو حساب ڪتاب عربي زبان ۾ آهي، عربي زبان تمام زبانن کان وڌيڪ فصيح ۽ جامع آهي، هن حديث شريف مان معلوم ٿيو ته دوزخين جي عربي زبان نه هوندي، هي به معلوم ٿيو ته قرآن اهو آهي جيڪو عربي ۾ آهي، ان جا ترجما قرآن نه آهن، نه ئي نماز ۾ ان جي تلاوت درست آهي، جيڪو قرآن حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام حضورصَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٻڌايو اهو عربي هيو. ڪجھ عالم سڳورا فرمائن ٿا ته مرندي ئي سيني جي زبان عربي ٿي ويندي آهي انهيءَ ڪري قبر ۽ حشر جا سمورا معاملات عربي ۾ ٿيندا، اهلِ جنت جي زبان عربي ئي رهندي. (مراٰة المناجيح،333/8)

## جسم باه تي حرام

مَنْ صَلّٰى اَرْبَعَ رَكَعَاتٍ قَبْلَ الْعَصْرِ حَرَّمَ اللّٰهُ بَدَنَهٗ عَلَى النَّارِ

(معجم کبير،281/23،حديث:611)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو عصر کان پهريان چار رڪعتون پڙهي، اللّٰه پاڪ ان جي بدن کي باه تي حرام فرمائي ڇڏيندو.

وڌيڪ 2 حديثن ۾ حضور صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن چئن رڪعتن کي پڙهڻ واري جي لاءِ رحمت جي دعا ۽ انهن جي بدن کي باه تي حرام هجڻ کي بيان فرمايو آهي. (الفتح الربانى،204/4)

## مٿي ۾ لوهي ميخ

لَاَنْ يُطْعَنَ فِي رَأْسِ اَحَدِكُمْ بِمِخْيَطٍ مِنْ حَدِيدٍ خَيْرٌ لَهُ مِنْ اَنْ يَمَسَّ امْرَاَةً لَا تَحِلُّ لَهُ

(معجم کبير، 211/20، حديث: 486)

فرمانِ مصطفيٰ صلّى الله عليه واٰله وسلّم: توهان مان ڪنهن جي مٿي ۾ لوهه جي ميخ هڻئي وڃي هي ان جي لاءِ ان ڪان بهتر آهي تہ هُو ڪنهن اهڙي عورت کي ڇُهي جيڪا ان جي لاءِ حلال ناهي.“

**حديث جي شرح:** حديث شريف ۾ لوهه جي ميخ يا سوئي وغيره کي انهيءَ ڪري خاص ڪيو ويو آهي ڇوتہ اها ٻين شين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ درد پهچائڻ واري آهي. غير محرم (اجنبيہ) عورت کي فقط ڇُهڻ جو ايترو عذاب آهي تہ پوءِ ان شخص جو ڇا حال ٿيندو جيڪو ان کان وڌيڪ گناهه ڪري جيئن ڪنهن عورت کان بدڪاري ڪرڻ وغيره. (التيسير بشرح الجامع الصغير، 2/ 208 )

## سيني کان افضل عمل

اَحَبُّ الْاَعْمَالِ اِلَى اللهِ بَعْدَ الْفَرَائِضِ اِدْخَالُ السُّرُوْرِ عَلَى الْمُسْلِمِ

(معجم کبير،59/11،حديث:11079)

فرمان مصطفيٰ صلّى الله عليه واٰله وسلّم: الله پاڪ جي نزديڪ فرائض جي ادائيگي کان بعد سيني کان افضل عمل مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ آهي.

## ڪارا چهرا

اَلْمُصِيْبَةُ تُبَيِّضُ وَجْهَ صَاحِبِهَا يَوْمَ تَسْوَدُّ الْوُجُوْهُ (معجم اوسط،290/3،حديث:4622)

فرمانِ مصطفيٰ صلّى الله عليه واٰله وسلّم: مصيبت پنهنجي صاحب(يعني مصيبت زده) جو چهرو ان وقت چمڪائيندي جنهن ڏينهن چهرا ڪارا هوندا.

**حديث جي شرح:** يعني قيامت جي ڏينهن مصيبت زده جو چهرو سفيد ۽ روشن هوندو ۽ ان ڏينهن اهلِ باطل جا چهرا سياهه(ڪارا) هوندا ۽ انهن کي اونداهيءَ هر طرف کان گهيري رکيو هوندو.

(فيض القدير، 354/6، تحت الحديث: 9218)

# والدين جي قبر تي حاضري

مَنْ زَارَ قَبْرَ أَبَوَيْهِ اَوْ اَحَدَاهُمَا فِيْ كُلِّ جُمُعَةٍ غُفِرَ لَهُ وَكُتِبَ بَرًّا

(شعب الايمان، 201/6، حديث: 7901)

فرمانِ مصطفيٰ صلّى الله عليه وآله وسلّم: ”جيڪو پنهنجي والدين مان ٻنهي يا هڪ جي قبر جي هر جمعي جي ڏينهن زيارت ڪندو، ان جي مغفرت ٿي ويندي ۽ اهو نيڪوڪار لکيو ويندو.“

**حديث جي شرح:** هتي جمعي مان مراد يا تہ جمعي جو ڏينهن آهي يا سڄو هفتو، بهتر آهي تہ هر جمعي جي ڏينهن والدين جي قبرن جي زيارت ڪري، جيڪڏهن اتي حاضري مُيَسّر نہ هجي تہ هر جمعي تي انهن جي لاءِ ايصالِ ثواب ڪندو ڪري. (مراٰة المناجيح، 526/2)

# سمهڻ (ننڊ) عبادت

نَوْمُ الصَّائِمِ عِبَادَةٌ، وَسُكُوتُهُ تَسْبِيحٌ، وَدُعَاؤُهُ مُسْتَجَابٌ، وَعَمَلُهُ مُتَقَبَّلٌ

(شعب الايمان،415/3،حديث:3938)

فرمانِ مصطفيٰ صلّى الله عليه وآله وسلّم: روزيدار جو سمهڻ عبادت آهي ۽ ان جي خاموشي تسبيح آهي ۽ ان جي دعا قبول ۽ ان جو عمل مقبول ٿيندو آهي،

**حديث جي شرح:** روزيدار جو سمهڻ عبادت آهي چاهي اهو روزو نفلي هجي يا فرض. روزه دار جي خاموشي تسبيح جيان آهي، ان جي دعا ۽ عمل مقبول آهي. هي فضيلت ان روزيدار جي آهي جيڪو پنهنجي روزي کي غيبت وغيره گناهن کان خراب نہ ڪري.

(التيسيربشرح الجامع الصغير،462/2)

# مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون

يَأْتِيْ عَلَى النَّاسِ زَمَانٌ يَكُونُ حَدِيثُهُمْ فِيْ مَسَاجِدِهِمْ فِيْ اَمْرِ دُنْيَاهُمْ، فَلَاتُجَالِسُوْهُمْ، فَلَيْسَ لِلّٰهِ فِيْهِمْ حَاجَةٌ ( شعب الايمان،86/3، حديث:2962)

**فرمانِ مصطفيٰ** صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: **ماڻهن تي هڪ وقت اهڙو به ايندو جو مسجدن ۾ دنيا جون ڳالهيون ٿينديون. تون انهن سان گڏ نه ويهجانءِ جو الله پاڪ کي اهڙن ماڻهن جي ڪابه ضرورت ناهي.**

**حديث جي شرح:** يعني الله پاڪ انهن تي ڪرم نه ڪندو، نه ته ربّ پاڪ کي ڪنهن به انسان جي ضرورت ناهي، هو ضرورتن کان پاڪ آهي. (مراٰة المناجيح، 457/1)

## اصل مجاهدو

اَلْمُجَاهِدُ مَنْ جَاهَدَ نَفْسَهٗ

(شعب الايمان، 499/7، حديث: 11123ملتقطاً)

**مجاهدو اهو آهي جيڪو پنهنجي نفس سان جهاد ڪري.**

**حديث جي شرح:** يعني نفسِ اَماره سان جيڪو برائي جو حڪم ڏي ٿو. انسان کي گهرجي ته نفس کي الله پاڪ جي رضا، نيڪي جي ڪمن ۾ گناهن کان بچڻ جي طرف راغب ڪري ۽ هي ئي اصل مجاهدو آهي. (التيسير بشرح الجامع الصغير، 454/2)

## سچو سال رزقِ حلال

مَنْ جَاعَ اَوِ احْتَاجَ فَكَتَمَهُ النَّاسَ كَانَ حَقًّا عَلَى اللهِ عَزَّوَجَلَّ اَنْ يَرْزُقَهُ رِزْقَ سَنَةٍ مِنْ حَلَالٍ

(شعب الايمان، 7 / 215، حديث: 10054)

**فرمان مصطفيٰ** صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: **"بکيو ۽ محتاج جيڪڏهن پنهنجي ضرورت ماڻهن کان لڪائي. الله پاڪ کيس سچي سال لاءِ حلال رزق عطا فرمائيندو."**

**حديث جي شرح:** هتي بُک مان مراد اهڙي برداشت واري بُک آهي جيڪا موت جو سبب نه بڻجي، ان کي لڪائڻ ۽ پاڻ ڪمائي پيٽ پرڻ بهتر آهي، پر جيڪڏهن بُک کان مري رهيو آهي ته پوءِ فرض آهي ته ضرورت جي مطابق ڪنهن کان ڪجهه وني ڪائي، لڪائيندو ۽ بکيو مري ويندو ته حرام جي موت مرندو.(مراٰة المناجيح،84/7)

## جنت ۾ هليا وڃو

”اُعْبُدُوا الرَّحْمٰنَ، وَاَطْعِمُوا الطَّعَامَ، وَاَفْشُوا السَّلَامَ، تَدْخُلُوا الْجِنَانَ-“

(الأدب المفرد،حديث: 981،ص255)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”رحمٰن جي عبادت ڪيو، کاڌو کارايو، سلام عام ڪيو، جنّت ۾ هليا وڃو.“

**حديث جي شرح:** سلام ڦهلائڻ جو مطلب هي آهي تہ سلام کي رواج ڏيو، اسلام کان پهريان ملاقات جي وقت سلام جو رواج نہ هيو اسلام ”السلام عليڪم“ چوڻ سيکاريو. کاڌو کارائڻ مان مراد آهي مهمانن، فقيرن، يتيمن کي کاڌو ڏيو، ڪن ماڻهن چيو تہ سلام وڏي آواز سان چيو وڃي تہ جيئن سامهون وارو ٻڌي وٺي ۽ پنهنجي ٻارن کي کاڌو ڏيو پر پهرين معنيٰ وڌيڪ مضبوط آهي. جيڪڏهن انهن ڳالهين تي عمل ڪيو تہ عذاب ۽ حجاب کان سلامت رهندؤ ۽ جنت ۾ سلامتي سان پهچندؤ جتي توهان کي ربّ تعالي ۽ ملائڪن طرفان سلام ٿيندا رهندا. (مراة المناجيح، 102/3)

## مُرده دل

اَلضِّحْكُ فِي الْمَسْجِدِ ظُلْمَةٌ فِي الْقَبْرِ ( مسند الفردوس ، 431/2، حديث: 3891)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مسجد ۾ کِلڻ قبر ۾ اونداهي آڻيندو آهي.**

**حديث جي شرح:** مسجد ۾ کلڻ دل کي مُرده بڻائي ٿو ۽ موت جي ياد کي وسارائي ڇڏي ٿو پوءِ انهي بنياد تي قبر ۾ اونداهي جو منهن ڏسڻو پئي ٿو. انهيءَ ڪري چيو ويندو آهي تہ دنيا وارن جو کلڻ دل کي مُرده ڪري ڇڏيندو آهي ۽ الله وارن جو مرڪڻ دلين کي روشن ڪندو آهي. (فيض القدير، 341/4،تحت الحديث:5231)

## اعمالنامو خوش ڪري

مَنْ اَحَبَّ اَنْ تَسُرَّهٗ صَحِيْفَتُهٗ فَلْيُكْثِرْ فِيْهَا مِنَ الْاِسْتِغْفَارِ

(مجمع الزوائد، 347/10، حديث: 17579)

**فرمانِ مصطفيٰ** صلّى الله عليه واله وسلّم: ”جيڪو هن ڳالھ کي پسند ڪري ٿو تہ سندس اعمالنامو ان کي خوش ڪري تہ ان ۾ استغفار جو اضافو ڪري.

**حديث جي شرح:** يعني جيڪو چاهي ٿو تہ سندس اعمالنامو ان کي خوش ڪري تہ ان کي گهرجي تہ استغفار جي ڪثرت ڪري ڇوتہ قيامت جي ڏينهن ان جو اعمالنامو نور سان چمڪائي آندو ويندو. (فيض القدير،43/6)

مَنْ قَعَدَ اِلٰى قَيْنَةٍ يَسْتَمِعُ مِنْهَا صَبَّ اللهُ فِيْ اُذُنَيْهِ الْآنُكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

(تاريخ ابنِ عساکر،263/51،حديث:10884)

**فرمانِ مصطفيٰ** صلّى الله عليه واله وسلّم: **جيڪو ڳائڻ واري پرسان ويهي، ڪن لڳائي غور سان ٻڌي تہ الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي ڪنن ۾ پگھريل سيهو وجهندو.**

## رخصت ٿيڻ واري وانگر نماز پڙهو

اِذا صَلّٰى اَحَدُكُمْ فَلْيُصَلِّ صلاةَ مُوَدِّعٍ صَلَاةَ مَنْ لَا يَظُنُّ اَنَّهُ يَرْجِعُ اِلَيْهَا اَبَداً

(جامع صغير، ص50، حديث: 716)

**فرمانِ مصطفيٰ** صلّى الله عليه واله وسلّم: ”جڏهن توهان مان ڪو نماز پڙهي تہ رخصت ٿيڻ واري ماڻهوءَ جيان اهو خيال ڪري نماز پڙهي تہ وري ڪڏهن بہ نماز نہ پڙهي سگهندو.“

**حديث جي شرح:** جڏهن توهان مان ڪو نماز پڙهي تہ ان کي گهرجي تہ هو پنهنجو پورو توجهہ الله پاڪ جي طرف ڪري ۽ الله پاڪ کان سواءِ هر شيءِ کي ڇڏي ڏي. پوءِ الوداعي نماز جي وضاحت حضور صلّى الله عليه واله وسلّم هن طرح فرمائي تہ” اهو هي خيال ڪري تہ ان نماز کان بعد هُو ڪڏهن بہ نماز نہ پڙهي سگهندو“ پوءِ جڏهن هي ڳالھ سندس ذهن ۾ هوندي تہ ان کي ڏيان منائڻ وارين شين کان تعلق ٽوڙڻ تي ۽ اُن خشوع تي اُڀاريندي جيڪا”نماز جي روح“آهي. (التيسير بشرح جامع الصغير ،1/ 110)

# سچي نيت

اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ (جامع صغير، ص 557، حديث: 9326)

**فرمان مصطفيٰ** صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿي.

**هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي:** سچي نيت عرش تي لٽڪيل رهندي آهي، جڏهن ٻانهو سچي نيت ڪندو آهي ته عرش حرڪت ۾ اچي ويندو آهي ۽ ان ٻانهي جي مغفرت ڪئي ويندي آهي. (التيسير بشرح الجامع الصغير،464/2)

اِسْتَاكُوا اِسْتَاكُوا لَا تَأْتُوْنِيْ قُلْحًا (جمع الجوامع،389/1، حديث:2875)

فرمان مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: مسواڪ ڪيو! مسواڪ ڪيو! مون وٽ پيلا ڏند نہ آڻيو.

# خصوصي شفاعت

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ يَوْمَ الْجُمُعَةِ كَانَتْ شَفَاعَةٌ لَهُ عِنْدِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

(جمع الجوامع،199/7،حديث:22353 )

فرمان مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم: جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو مان قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

**حديث شريف جي شرح:** يعني جيڪو جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو ان جي لاءِ خصوصي شفاعت ٿيندي. جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهڻ ۾ هڪ مناسبت هي بہ آهي تہ جمعو تمام ڏينهن جو سردار آهي ۽ نبي پاڪ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم مخلوق جا سردار آهن تہ ان ڏينهن ۾ درود شريف پڙهڻ جي فضيلت وڌيڪ آهي جيڪا ٻين ڏينهن ۾ نہ آهي. (فيض القدير،111/2،تحت الحديث:1405)

# حديث پاڪ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: منهنجي اُمّت مان
جيڪو بہ 40 حديثون ياد ڪندو جنهن
مان اُمّت نفعو حاصل ڪري الله پاڪ
ان کي قيامت جي ڏينهن فقيہ ۽ عالم ڪري اٿاريندو.
هتي حفظ مان مراد 40 حديثون اُمّت
جي لاءِ نقل ۽ روايت ڪرڻ آهي
جيتوڻيڪ زباني ياد نہ ڪيون هجن ۽
نہ ئي انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم کان واقف هجي،
ڇوتہ نقل ۽ روايت جي ذريعي ئي مسلمان نفعو حاصل ڪندا.
(شرح الاربعين النوويہ لابن دقيق العيد، ص 16)


عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net